روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اڱارو 13 ڊسمبر 2022ع بمطابق 18 جمادي الاول 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 200

فوج ۽ عدليا سوچي ته اسان کٽي بينا آهيون، واپاري ۽ هاري به احتجاج ڪن: عمران خان

اڄ کان پهريان ڪڏهن ملڪ ۾ ايترين خراب معاشي حالتون نه هيون، قوم کي اها ڄاڻ هجڻ گهرجي ته اسان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون: پي ٽي آءِ چيئرمين

عدليا جو هڪ اهم ڪردار آهي ان کي پنهنجي ملڪي صورتحال تي ڏيان ڏيڻ کپي، ملڪ تيزي سان هيٺ وڃي رهيو آهي جنهن جو اثر سمورن ادارن تي پوندو

ملڪ جا ادارا فوج ۽ عدليا سوچي تي اسان اڄ کٽي بينا آهيون، جيڪڏهن حالتون نه سنڀاليون ويون ته وڌيڪ خراب ٿي سگهن ٿيون، اڄ رڳو قوم نه ادارن کي به مخاطب آهيان

سڄي قوم کي خبر هجڻ خبر کپي ته اسان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون، مون کي حيرت آهي ته واپاري برادري چو آواز نه پئي اُٺاري واپاري ۽ صنعتڪار چو چُپ آهن

لاهور (ڀ ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان چيو آهي ته اڄ کان پهريان ڪڏهن ملڪ ۾ ايترين خراب معاشي حالتون نه هيون، قوم کي اها ڄاڻ هجڻ گهرجي ته اسان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون. لاهور ۾ عمران خان معاشي ٽيم جي هنگامي اجلاس کي ريويو لنڪ ذريعي خطاب دوران چيو ته عدليا جو هڪ اهم ڪردار آهي ان کي پنهنجي ملڪي صورتحال تي ڏيان ڏيڻ کپي، ملڪ تيزي سان هيٺ وڃي رهيو آهي جنهن جو اثر سمورن ادارن تي پوندو، عمران خان چيو ته ملڪ جا ادارا فوج ۽ عدليا سوچي تي اسان اڄ کٽي بينا آهيون. هن چيو ته جيڪڏهن حالتون نه سنڀاليون ويون ته وڌيڪ خراب ٿي سگهن ٿيون، اڄ رڳو قوم نه ادارن کي به /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

لاهور: پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان پريس ڪانفرنس ڪندي

مان چونڊون وڙهندس ۽ چونڊن ڪانپوءِ فيصلو ڪندس ته ڪهڙي جماعت ۾ وڃڻو آهي: چودري نثار

ڪلر سيدان (ڀ ر) اڳوڻي وفاقي گهرو وزير چودري نثار هڪ پيرو ٻهر خاموشي توڙيندي وڏو اعلان ڪري ڇڏيو اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر روات پرسان ميڙاڪي ڪئي خطاب ڪندي چيو ته عوام تياري ڪري ڇڏي، مان چونڊون وڙهندس ۽ چونڊن ڪانپوءِ فيصلو ڪندس ته ڪهڙي جماعت ۾ وڃڻو آهي. هن قطعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

جنرل (ر) باجوه اوهان جو محسن هو، اوهان محسن ڪش نڪتا: وزيراعظم

گذريل حڪومت اسان جي خاندان ڪي بدنام ڪرڻ جي هر ڪوشش ڪئي ۽ اسان جي خاندان تي بي بنياد الزام لڳايا ويا

برطانيا جي اين سي اي جي جاچ ۾ الله اسان کي عزت ڏني ۽ اسان صاف ٿي ويا، عمران خان ۽ سندس ساٿين الزام هٽڻ کانسواءِ ڪجهه نه ڪيو

تن سالن ڪانپوءِ ڊيلي ميل اسان کان غير مشروط معافي گهري، ڊيلي ميل مون کان نه پر پوري پاڪستاني قوم کان معافي گهري آهي

هاڻي ڪير جو ڪير ۽ پاڻي جو پاڻي ٿي ويو آهي، پاڪستان کي هڪ رپيو به نه ڏيو، اسان کي آءِ ايم ايف آڏو پنهنجون ڳليون ڳڙڪائڻيون پيون

اسان کي بچائڻ لاءِ پنهنجي سياست قربان ڪري ڇڏي، عمران پنهنجي آخري ڏينهن ۾ اسان لاءِ ڪانتو لڳايو: ميان محمد شهباز شريف

ٻئي طرف سعودي ولي عهد اڳوڻي وزيراعظم کي ڪعبي جي مادل واري واڻ ڏني هئي ۽ اها واڻ وکرو ڪئي وئي هئي، جنهن مادل جي واڻ وکٽي ڇڏي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته جنرل (ر) باجوه منهنجو محسن هو هو مٿاڀرست نڪتو، هو چاهي ٿو ته پاڪستان ڏيوالڪت ٿئي پر پاڪستان ڏيوالڪت نه ٿيندو. اسلام آباد ۾ وفاقي وزيرن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي شهباز شريف چيو ته گذريل حڪومت اسان جي خاندان کي بدنام ڪرڻ جي هر ڪوشش ڪئي ۽ اسان جي خاندان تي بي بنياد الزام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف پريس ڪانفرنس ڪندي

اسان کي سياسي آزادي ڏني وڃي: وسيم اختر

خواهش سيني جي ٽي سگهي ٽي پر هن دفعي به شهر جو ميئر حق پرست ئي هوندو

عورتن جو اسان جي معاشري ۽ سياست ۾ اهم ڪردار آهي: ايئر ڪيو ايئر پاڪستان اڳواڻ

ڪراچي (ڀ ر) ايئر ڪيو ايئر پاڪستان جي ڊپٽي ڪنويئر وسيم اختر چيو آهي ته خواهش سيني جي ٽي سگهي ٽي پر هن دفعي به شهر جو ميئر حق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسرائيلي فوج چت تي بيٺل نوجوان ناريءَ کي گولي هڻي ڇڏي

فلسطيني چوڪري جي شهادت جو واقعو جنين ۾ پيش آيو: عالمي ميڊيا جو ادارو

جنهن ۾ 3 مائٽ زخمي ٿيا هئا، هڪ زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي وئي آهي

غزه (ڀ ر) اولهه ڪناري ۾ چاپوهڻي ڪارروائي ڪرڻ جي دوران اسرائيلي فوج چت تي بيٺل 16 ورهين جي فلسطيني نوجوان ناري کي سڌي ريٽ نائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو آهي. عالمي ميڊيا اداري موجب فلسطيني چوڪري جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: صدر عارف علوي اجلاس جي صدارت ڪندي

ٽوشه خانه: عمران خان خلاف اليڪشن ڪميشن جي درخواست ٻڌڻ جوڳي هجڻ تي فيصلو محفوظ

راولپنڈي جي ايڊيشنل سيشن ڪورٽ ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان خلاف ٽوشه خانه ڪيس ۽ اليڪشن ڪميشن جي درخواست ٻڌڻ جوڳي هجڻ تي ايڊيشنل سيشن جج ظفر اقبال ٻڌڻي ڪئي

عمران خان ۽ ان جي گهر واري توشه خانه مان 58 تحفا ورتا، 3 سالن دوران ورتل 58 شين جي مالیت 142 ملين روپيه آهي: وڪيل سعد حسن

عمران خان اهو ٻڌائڻ ۾ ناڪام رهيو ته گهڙي ڪيتري ۾ وڪرو ڪئي، ڪيس گهڙي جي باري ۾ نه پر ڪيس عمران خان طرفان جمع ڪرايل اثاثن جي حوالي سان آهي

راولپنڈي (ڀ ر) ايڊيشنل سيشن جج ظفر اقبال توشه خانه ڪيس ۾ عمران خان خلاف اليڪشن ڪميشن جي درخواست ٻڌڻ جوڳي هجڻ تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. ايڊيشنل سيشن ڪورٽ ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان خلاف توشه خانه ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن جي درخواست ٻڌڻ جوڳي هجڻ تي ايڊيشنل سيشن جج ظفر اقبال ٻڌڻي ڪئي. اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسان عوام جي خدمت ۾ ڪا به ڪسر ناهي ڇڏي: مونس الاهي

اسيمبلين ۾ رهياسين ته عوام جي خدمت ڪنداسين ۽ اسيمبليون ٽوڙيون ويون ته ٻيهر عوام جي عدالت ۾ ويندا سين

سياست اسان جو خاندااني مشن آهي، مسلم ليگ عوام جي نمائندگي ڪندڙ پارٽي آهي، اسان عوام جي خدمت ڪا ڪسر ناهي ڇڏي

ملڪ معاشي طور ديوالڪ ڪري چڪو آهي ۽ شهباز حڪومت معيشت کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي: ق ليگ اڳواڻ

گجرات (ڀ ر) مسلم ليگ ق جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير مونس الاهي چيو آهي ته اسيمبلين ۾ رهياسين ته عوام جي خدمت ڪنداسين ۽ اسيمبلين ٽوڙيون ويون ته ٻيهر عوام جي عدالت ۾ مشن آهي، مسلم ليگ عوام جي نمائندگي ڪندڙ پارٽي آهي. اسان کي جڏهن به موقعو مليو اسان عوام جي خدمت ڪا ڪسر ناهي ڇڏي . مونس الاهي ماهر جو حوالو ڏيندي چيو ته ملڪ معاشي طور ديوالڪ ڪري چڪو آهي ۽ شهباز حڪومت معيشت کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي. اسان کي ڪاڪا به عمران خان سان گڏ هٿاسين/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لاهور: وائيس چيئرپرسن او پي سي مخدوم سيد محمود الحسن پريس ڪانفرنس ڪندي

اليڪشن ڪميشن عمران خان خلاف 5 ڪيس ڏي لسٽ ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (ڀ ر) اليڪشن ڪميشن پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان خلاف 5 ڪيس ڏي لسٽ ڪري ڇڏيا آهن. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل پترائي ۾ چيو ويو آهي ته عمران خان خلاف 5 ڪيس 13 ڊسمبر تائين ڏي لسٽ ڪيا ويا آهن. اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڊائريڪٽوريٽ پرائيويٽ انسٽيٽيوشنز رفيع ملاح جي شاگردن جي لاءِ گرينڈ بڪ فيئر منعقد ڪرڻ جو فيصلو

خانگي اسڪولن جون انجمنون ۽ پاڪستان پبلشرن اينڈ بڪ سيلرز سان مشاورت ڪئي ويندي: رجسٽرار رفيع ملاح

پرڏيهه مان اينڈرز ۽ مقامي ڪاغذ جون قيمتون گهٽ ٿين ته پبلشرز به ڪتابن جون قيمتون گهٽ ڪندا: چيئرمين عزيز خالد

ڪتابن جي پائريسي وڏو مسئلو آهي، پاڪستاني پبلشرز ان کي ناپسند ڪن ٿا: صحافين سان ڳالهه ٻولهه

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽوريٽ پرائيويٽ انسٽيٽيوشنز سنڌ خاص طور تي شاگردن جي لاءِ گرينڈ بڪ فيئر منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ خانگي تعليمي ادارن جي ايسوسيئيشن لاڳاپاريل ادارن ۽ پاڪستان پبلشرز اينڈ بڪ سيلرز سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وينديون. جڏهن ته پاڪستان پبلشرز ايسوسيئيشن ان حوالي سان پنهنجي هر ممڪن سهڪار جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

تعليم ڪاتي جي عجب ڪارڪردگيءَ جو غضب مظاهرو

برطرفيءَ جي سفارش ڪيل ڊائريڪٽر جي باعزت رٽائر ڪيو ويو

سيڪريٽري تعليم ديدار جلباڻي کي برطرف ڪرڻ بدران رٽائر ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليم ڪاتي جي عجب ڪارڪردگيءَ جو غضب مظاهرو سامهون آيو آهي. برطرفيءَ جي سفارش ڪيل ڊائريڪٽر اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي جي مختلف علاقن مان ٻن اڻڄاتل ماڻهن جا لاش هٿ

ڪراچي لانڍي منزل پمپ پل وٽ اڻڄاتل گاڏي جي ٽڪر ۾ پيادل هارڙي فوت ٿي وئي

ڪراچي سپر هاءِ وي جمالي پل وٽ دلداد گوڙ 01 تان عورت جو سڙيل لاش مليو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علاقن مان ٻن اڻڄاتل ماڻهن جا لاش هٿ ڪيو ويو آهي. ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لاهور: ريلوي وارو وفاقي وزير سعد رفيق چائنه ڪان آيل ٽرين جي بوگين جو معائنو ڪندي

غير قانوني هٿيار، متحده ڪارڪنن خلاف حڪومت ۽ رينجرز جون آپريشنون رد

عدالت 13 جوابدارن جي سزائن ۽ واڌ جي رينجرز جي درخواست به رد ڪري ڇڏي: پراسيڪيوشن

دهشتگردي ٽوڙ عدالت ايئر ڪيو ايئر جي 13 ڪارڪنن جي مختلف سزائون ڏنيون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ايئر ڪيو ايئر جي مرڪزنائين زيرو مان ڏاڪيدار مادر هٽ ڪرڻ واري ڪيس جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڊالر اڄ به مهانگو ٿي ويو، اسٽاڪ ايڪسچينج ٻڌڻ جو شڪار

اڄ صبح جو ڪاروبار شروع ٿيڻ کان وٺي ڊالر جي قدر وڌي وئي آهي

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 10 پئسا مهانگو ٿيڻ بعد 224 روپيا 50 پئسا ٿي ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڊالر جي قيمت ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي، جنهن سبب پاڪستاني روپئي جي قدر ڏينهون ڏينهن گهٽ ٿي رهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پروين رحمان قتل ڪيس ۾ جوابدارن جي نظربندي ختم

ڏڻ هاءِ ڪورٽ جوابدارن کي بري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته پوءِ نظربندي جو ڪهڙو جواز هو؟: عدالت

عدالت پروين رحمان قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدارن جي نظربندي بابت گهرو ڪاتي سنڌ جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏنو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ پروين رحمان قتل ڪيس ۾ جوابدارن جي نظربندي ختم ڪري ڇڏي عدالت ريمارڪس ڏنا آهن ته جڏهن هاءِ ڪورٽ جوابدارن کي بري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته پوءِ نظربندي جو ڪهڙو جواز هو؟ عدالت پروين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

راولپنڈي: ڪمشنر ثاقب منان اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ اعظم سواتي کي وڌيڪ ڪيسن ۾ گرفتاري کان روڪي ڇڏيو

اعظم سواتي جي پٽ عثمان سواتي پنهنجي والد جي گرفتاري خلاف سنڌ ۾ نئين درخواست داخل ڪري ڇڏي، ٻڌڻي جي درخواست ڪئي وئي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس ڪي ڪي آغا جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ عثمان سواتي جي درخواست تي جلد ٻڌڻي لاءِ درخواست منظور ڪري ورتي

عدالت آءِ جي سنڌ ۽ پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ کي نوٽيس جاري ڪندي عثمان سواتي کي پنهنجي درخواستن کي ضم ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ اعظم سواتي کي وڌيڪ ڪيسن ۾ گرفتار ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. اعظم سواتي جي پٽ عثمان سواتي پنهنجي والد جي گرفتاري خلاف سنڌ ۾ نئين درخواست داخل ڪري ڇڏي، جنهن ۾ فوري ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سينيٽر اعظم سواتي سان ڪيل ورتاءُ مذمت جوڳو آهي: علي زيدي

هن وقت ملڪ ۾ اندير نگري چوپٽ راجا آهي، حڪومت انسانيت، جمهوريت ۽ عدل ۽ انصاف جي پٽڑي تان لهي چڪي آهي

پي ٽي ائي امپورٽيڊ حڪومت جي اهڙين حرڪتن جو بهادري سان مقابلو ڪندي انهن ماڻهن جي سيني ۾ دل نه آهي

عدالتن ۾ 21 لک کان وڌيڪ التوا هيٺ ڪيسن بدران هڪ ٽوئٽ ڪرڻ تي ڪيس هلايو پيو وڃي: پي ٽي آءِ اڳواڻ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پي ٽي ائي سنڌ جي صدر علي زيدي چيو آهي ته هن وقت ملڪ ۾ اندير نگري چوپٽ راجا آهي سينيٽر اعظم سواتي سان ڪيل ورتاءُ نهايت مذمت جوڳو آهي. حڪومت انسانيت، جمهوريت ۽ عدل ۽ انصاف جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: وفاقي وزير شيري رحمان نعقد ٿيل اجلاس ۾ خطاب ڪري رهي آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ بهادرآباد جي علاقي ۾ ڪم ڪندڙ ننڍي عمر جي پار جي فوت ٿيڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر)سنڌهاءڪورٽ بهادرآباد جي علاقي ۾ ڪم ڪندڙ ننڍي عمر جي پار جي فوت ٿيڻ واري ڪيس ۾ عورت سميت 3جوابدارن جي 50.50هزار جي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي .عدالت ڪيس جي اڳوڙ جاچ آفيسر سجاد جي خلاف ڪاتي واري ڪاروائي جو حڪم ڏنو آهي عدالت ۾ درخواستگذار جي وڪيل چيو ته آسان کي جوابدارن جي ضمانت تي آزاد ٿيڻ تي ڪابه اعتراض نه آهي .

ڪراچي کان ڪشمور تائين صوبو بدامني جو گڙهه بڻجي ويو آهي: محمد حسين محنتي

حڪمرانن سنڌ جي عوام کي ڏاڙيلن، چورن ۽ ڦورن حوالي ڪري ڇڏيو آهي، عوام پريشان آهي

ڏاڙيلن پاران زيادتي واري وڊيو وائرل ڪرڻ پوليس، ۽ پ پ جي ليڊرشپ جي منهن تي وردار چمات آهي

عزت آبرو غير محفوظ پر حڪمران مخالف ڌر خلاف پريس ڪانفرنسون ۽ جلسه ڪرڻ ۾ مصروف آهن

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير محمد حسين محنتي چيو آهي ته ڪراچي کان ڪشمور تائين سڄو صوبو خاص طور تي ضلع ڪنڊڪوٽ ڪشمور بدامني جو گڙهه ۽ اغوا اڏامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽيسوري ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪامران خان ٽيسوري سان وزيراعظم جي صلاحڪار خاتمي فيصل ڪريم ڪنڈي گورنر هائوس ۾ ملاقات

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان وزيراعظم جي غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ بابت خصوصي معاون فيصل ڪريم ڪنڊي گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ صوبي مان غربت جي خاتمي لاءِ قدمن، مستحق ماڻهن جي مالي مدد، ان سلسلي ۾ وفاقي حڪومت جي ڪوششن ۽ گڏيل دلچسپي جي بين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پنجاب، ڪي پي، گلگت ۽ آزاد ڪشمير جي حڪومتن اسلام آباد جو گهيراءُ ڪرڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو

صوبي ۾ انوءِ پيون شيون ختم ٿي رهيون آهن، وفاقي سرڪار حصي جا پئسا نه پئي ڏئي، سڄي صوبي ۾ هڙتال ڪري اسلام آباد ۾ ڌرڻو هٿنڊاسين: خالد خورشيد خان

وفاق صحت ڪارڊ ۽ فائدا جا پئسا نه پيو ڏئي، وفاقي سرڪار صوبي جا حق نه ڏيڻ تي اسلام آباد ۾ وڏو ڌرڻو هٿنڊاسين: خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير محمود خان

هڙ متاثر ٿي جي سهائتا لاءِ رڳو سنڌ ۽ بلوچستان کي فنڊ ڏنا ويا، پنجاب ۽ ڪي پي کي نظرانداز ڪيو ويو: پنجاب جي نائي واري وزير محسن لغاري

ڪراچي (رپورٽر) پنجاب، ڪي پي، گلگت ۽ آزاد ڪشمير جي حڪومتن اسلام آباد جو گهيراءُ ڪرڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو آهي. ڪي پي ۽ گلگت جي وڏن وزيرن ۽ پنجاب ۽ آزاد ڪشمير جي نائي وارن وزيرن پاران اسلام آباد ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پي ٽي آئي جو اجلاس، پنجاب اسيمبلي کي پهرين مرحلي ۾ ٽوڙڻ جو فيصلو

ٻئي مرحلي ۾ خيبرپختونخواهه اسيمبلي ٽوڙي ويندي، پي ٽي آءِ ميمبر پيهر قومي اسيمبلي ايوان ۾ پيش ٿيندا ۽ استعيفيٰ ڏيندا

احتجاجي تحريڪ کي چونڊ مهم ۾ تبديل ڪيو ويندو، پ پ حڪومت جي ناقص پاليسين ملڪ کي ناقابل تلافي نقصان پهچايو آهي

معاشي ۽ سياسي بحران مان نڪرڻ جو واحد رستو جلد شفاف چونڊون ڪرائڻ آهي: پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان

لاهور (ڀ ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي صدارت هيٺ راولپنڈي سان تعلق رکندڙ اسيمبلي ميمبرن جي مشاورتي اجلاس ۾ پهرين مرحلي ۾ پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ٻئي مرحلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

عمران خان مرضي مرضي جي رٽ لڳائي رکي آهي: شرجيل ميمڻ

منهنجي گهڙي منهنجي مرضي، منهنجي گوگي منهنجي مرضي، منهنجا فارن اڪائونٽس منهنجي مرضي، منهنجي مني لانڊرنگ منهنجي مرضي

عمران خان مرضي مرضي جي رٽ لڳائي رکي آهي، ڇا پاڪستان کي عمران خان پنهنجي جاگير سمجهي ٿو: سنڌ جي اطلاعات کاتي وارو وزير

پاڪستان کنهن جي مرضي ۽ خواهش تي نٽوهلي سگهي، پاڪستان رٽ لڪت ۾ آئين موجود آهي ۽ قانون کان ڪوبه مٿانهون ناهي: صوبائي زير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات کاتي واري وزير شرجيل انعام ميمڻ ٽوئٽ ۾ چيو آهي ته "منهنجي گهڙي منهنجي مرضي، منهنجي گوگي منهنجي مرضي، منهنجا فارن اڪائونٽس منهنجي مني لانڊرنگ منهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: ب پ اڳواڻ آصف پتو سان جرمني جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

پاڪستان ۾ جرمني جي سفير الفريڊ گرنيس جي پ پ اڳواڻ بي بي آصفه پٽو زرداري سان ملاقات

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان ۾ جرمني جي سفير الفريڊ گرنيس جي پ پ اڳواڻ بي بي بي آصفه پٽو زرداري سان ملاقات ڪئي. بلاول هائوس ڪراچي ۾ آصفه پٽو زرداري سان جرمن سفير ملاقات ڪئي ملاقات ۾ پاڪستان ۾ پوليو خلاف مهم ۽ ان سلسلي ۾ جرمني جي تعاون سميت گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي آصفه پٽو زرداري ٻوڙ متاثرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ پوليس امن امان جي ڪي برقرار رکڻ ۾ ناڪام ٿي رهي آهي: مبين جتوئي

سنڌ جي شهري ۽ ڀهراڙي وارن علاقن ۾ چوري، ڏاڙن، ڏاڙن ۽ ڦرن جا واقعا سنڌ پوليس جي ڪارڪردگيءَ تي سوالیه نشان آهن، اهي اداراڏيڻ ۾ مصروف آهن

غريب عوام جي ڪاپ پراڻاهي ناهي، ڪشمور، ڪنڊڪوٽ، گهوٽڪي، ٻئي عاقل مان اغوا ٿي رهيا آهن، سنڌ پوليس انهن جي بازيابي لاءِ ڪي به قدم نه کڻي رهي آهي

يرغمال ماڻهن سان سنڌ پوليس جو نارواسلوڪ سنڌ پوليس جي منهن تي چمات آهي، جيڪڏهن سنڌ پوليس اجائو بيٺي آهي، خبر پئي نه امن جو گهر، سنڌ تباهه ۽ برباد ٿي سگهي ٿي

سکر (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي جنرل سيڪريٽري مبين احمد جتوئي چيو آهي ته سنڌ پوليس سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ سميت ڏوهن تي ضابطو آڻڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي رهي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

سکر: پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جو جنرل سيڪريٽري مبين احمد جتوئي پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ڪي ڪي آغا جي ٻڌل بنچ سينيٽر اعظم سواتي خلاف سنڌ ۾ وڌيڪ ڪيس داخل نه ڪرڻ جو حڪم ڏني ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ڪي ڪي آغا جي ٻڌل بنچ سينيٽر اعظم سواتي خلاف سنڌ ۾ وڌيڪ ڪيس داخل نه ڪرڻ جو حڪم ڏني ڇڏيو آهي . عدالت آءِ جي سنڌ ڪي اعظم سواتي خلاف سنڌ ۾ داخل ڪيل ڪيسز جا تفصيل پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 14 ڊسمبر تائين ملتوي ڪندي ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

غريب جي نياڻيءَ کي عزت سان تعليم پرائڻ جو حق نه ڏيو ته پوءِ ماري ڇڏيو: پروين رند

سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بنچ حيدرآباد مبينا هراسمينٽ جو نشانو بڻيل شاگرديائي پروين رند جو ڪيس نوابشاهه مان دولتپور عدالت منتقل ڪرڻ جو حڪم ڏني ڇڏيو

ڪنهن غريب جي نياڻيءَ کي عزت سان تعليم پرائڻ جو حق نه ڏيو ته پوءِ ڦاهي ڏئي ماري ڇڏيو: مبينا هراسمينٽ جو شڪار شاگرديائي پروين رند

جوابدار غلام مصطفيٰ راڄپوت، هاسٽل جون ملازم عورتون فريده، عتيقا ۽ فرحين ڏمڪيون پيون ڏين، ڪيس دولتپور منتقل ٿيڻ سان حياتيءَ لاءِ خطرا رڦي ويندا

حيدرآباد (رپورٽر) مبينا هراسمينٽ جو ڪيس نوابشاهه مان دولتپور منتقل ٿيڻ تي متاثر شاگرديائي پروين رند روئي ويئي سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بنچ حيدرآباد مبينا هراسمينٽ جو ڪيس نوابشاهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

نوشهرو فيروز انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ٽين ڪانفرنس منعقد

ڊسٽرڪٽ نوشهرو فيروز ۾ هيومنٽي اينڊ پيس فورم آف پريا پاران ڪانفرنس منعقد ڪئي

محمد قاسم جوٽيجو، سيد امتياز حسين بخاري، نوجوان ليڪڪ اعجاز علي ممنائي ۽ ٻيا شريڪ

طفيل احمد عباسي، آصف علي پٽي، غلام قادر پٽي، سجاد علي رانجهاڻي، دلدار احمد خاصخيلي شريڪ

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پرياسٽي ۽ انٽرنيشنل هيومن رائيٽس آبزرور ڊسٽرڪٽ نوشهرو فيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهرو فيروز: انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ٽين ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

پسند جي شادي ڪندڙ ڪراچي جو جوڙو تحفظ لاءِ دربدر، احتجاجي مظاهرو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) : پسند جي شادي ڪندڙ ڪراچي جو جوڙو تحفظ لاءِ دربدر، مخالفن پاران مارڻ جي خدشي سبب نوشهري فيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بدين ۾ بدامني ڪي ٻنجوڻ آيو ايس ايس آفيس سامهون موٽر سائيڪل چوري

پوليس جي نااهلي خاص ڪري موٽر سائيڪل ۽ گهرن مان چوري جي وارداتن ۾ اضافو

نامعلوم چور هرڪي پٽ رائمل ڪوليهي جي هاڻ اسپيڊ موٽر سائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ۾ بدامني ڪي ٻنجوڻ آيو ايس ايس آفيس سامهون ٻوڙ متاثر جي موٽر سائيڪل چوري هفتي اندر ٽئي چوري سبب شهري پريشان تفصيل موجب بدين شهر ۾ پوليس جي نااهلي خاص ڪري موٽر سائيڪل ۽ گهرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

خيرپور ناٿن شاهستي پريس ڪلب، نيشنل پريس ڪلب ۽ مهراڻ پريس ڪلب جو اجلاس

مهراڻ پريس ڪلب جو اهر اجلاس سينيئر صحافي مختيار علي چانڊيو جي صدارت ۾ ٽي گذريو

نجي ٽي وي جي رپورٽر ذوالفقار جتوئي، روزاني سنڌيار اخبار جي رپورٽر برڪت علي چانڊيو جي شرڪت

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ستي پريس ڪلب، نيشنل پريس ڪلب ۽ مهراڻ پريس ڪلب جو اهر اجلاس سينيئر صحافي مختيار علي چانڊيو جي صدارت ۾ ٽي گذريو تفصيل موجب خيرپور ناٿن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

خيرپور ناٿن شاهه : پريس ڪلب جي اڳواڻن جي گڏجاڻي جو ڏيک

تعلقي جوهي جي ٻوڙ متاثر گوٺ غلام حسين گاڏهي جي رهواسين جو احتجاج

رفيق احمد ، حسن، علي گل، مسمات زينب، جميلان ۽ ٻين پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

الخير، الخدمت، هلال احمر من پسند ماڻهن کي ٻوڙ متاثرين جو سامان ڏنو پيو وڃي: مظاهرين

دادو(ن سنڌيار) تعلقي جوهي جي ٻوڙ متاثر گوٺ غلام حسين گاڏهي جي رهواسين عورتن ۽ مردن رفيق احمد گاڏهي، حسن، علي گل، مسمات زينب، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

تعلقي ڪي اين شاهجي گوٺ محمد بخش لغاري ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين احتجاج

اسان جا ڪتاب ٻوڙ سبب لڙهي ويا آهن ۽ اسڪول فرنيچر مڪمل تباهه ٿي چڪو آهي:اڳواڻ

اسڪول فرنيچر مڪمل تباهه ٿي چڪو آهي، اسان پٽ ٽي ويهي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) تعلقه ڪي اين شاهه جي گوٺ محمد بخش لغاري ۽ شاگردن ۽ شاگردياڻين احتجاج ڪندي چيو ته اسان جا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

خيرپور ناٿن شاهه: گوٺ محمد بخش لغاري ۽ شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ نوجوانن کي ڪنپي گم ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

عهديدار انعام عباسي ۽ ٻين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو

سنڌي نوجوانن غفار مرکند، امداد شاهه، موهن ميگهواڙ، الطاف ڊاهو احتجاج ڪيو

دادو(ن سنڌيار) سنڌي نوجوانن کي ڪنپي گم ڪرڻ ۽ انهن کي ظاهر ڪري آزاد ڪرڻ لاءِ سنڌ سيا پارٽي ضلع دادو پاران دادو پريس ڪلب سامهون تنظيم جي عهديدار انعام عباسي ۽ ٻين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڊي سي شهيد بينظير آباد جي صدارت هيٺ اجلاس، عملدارن جي شرڪت

بجلي جي غير اعلانيل جي عملدارن جو هڪ اجلاس سندس آفيس ۾ ٽي گذريو

شهري علاقن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون

نوابشاهه (رپورٽ اي ڪي ڏاهري) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد شهريار گل ميمڻ جي صدارت هيٺ حيسڪو عملدارن جو هڪ اجلاس اڄ سندس آفيس ۾ ٽي گذريون موقعي ڊپٽي ڪمشنر حيسڪو انتظاميه کي هدايت ڪندي چيو ته ضلع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوابشاهه : ڊي سي شهيد بينظير آباد جي صدارت هيٺ اجلاس ٽي گذريو

سجاول جي رستن تان ٽرڪن مان سامان لاهڻ جو سلسلو بند نه ٿيو

ٽرڪن مان گاڏيون هلندي 90 چانورن جا ڪٽا لهي ويا ، گاڏي وارن جو احتجاج

وڏندڙ چورين خلاف ٽرڪ ۽ اڏي مالڪن عثمان سميجو، راجه صوفي احتجاج ڪيو

سجاول (رپورٽ:ممتازعلي نهڙيو) سجاول جي رستن تان ٽرڪن مان سامان لاهڻ جو سلسلو بند نه ٿيو انتظاميه خاموش، گذريل رات پن ٽرڪن مان گاڏيون هلندي 90 چانورن جا ڪٽا لهي ويا گاڏي وارن پاران احتجاج، تفصيلن موجب سجاول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

جسقم چيئرمين جي صدارت هيٺ ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو

صنعان خان قريشي جي اڳواڻي ۾ مونڊر ناڪو ڪان دادو پريس ڪلب تائين مارچ

سنڌ حڪومت ۽ ضلعي انتظاميا ٻوڙ ۽ برسات متاثرين جي ڪا به واهر نه ڪئي: صنعان خان

دادو(ن سنڌيار)جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي دادو پهتو جسقم دادو سميت وڏي اڻگ ۾ ڪارڪنن جسقم چيئرمين جي آڇيان ڪئي. جسقم چيئرمين جي اڳواڻي ۾ مونڊر ناڪو ڪان دادو پريس ڪلب تائين مارچ ڪيو ويو. موقعي ڊپٽي ڪمشنر حيسڪو انتظاميه کي هدايت ڪندي چيو ته ضلع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو: جسقم چيئرمين جي صدارت هيٺ ڪارڪنن پاران احتجاج ريلي ڪڍي وئي

مورو ويجهو درگاهه جمال شاهوٽ گوٺ حاجي آچر زرداريءَ ۾ گهر تي هلان، احتجاج

صدام حسين زرداريءَ، منور علي زرداريءَ، مسمات حليمان، ڪريمان زرداري احتجاج ڪيو

ڏنڀا سرون هٽي زخمي ڪيو هو ۽ اسان عورتن معصوم ٻارڙن تي ڪيس رجسٽر ڪرايو، مذڪورا ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري گرفتار ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مورو ويجهو درگاهه جمال شاهوٽ گوٺ حاجي آچر زرداريءَ ۽ گهر تي هلان ڪري عورتن معصوم ٻارڙن تي تشدد ڪرڻ واري عمل تي متاثر رهواسين صدام حسين زرداريءَ، منور علي زرداريءَ، مسمات حليمان، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سڪرنڈ شهر ۾ نوجوان نسل نشي جو عادي ٻڌجي ويو، پوليس پاران ڪارروائي

سڪرنڈ (رپورٽر) سڪرنڈ شهر ۾ نوجوانن کي نشي جو عادي ۽ موالي ڪندڙن خلاف سڪرنڈ پوليس جي سخت ڪارروائي شهر جي مختلف هنڌن تي ڪوچو شراب ۽ نرو پهچائيندڙن خلاف ناڪا بندي ڪانپو، سڪرنڈ جي گوٺ ٽڪهات مان شهر آيندڙ ڪار جو پيڇو ڪيو ويو جنهن تي ڪار ڊرائيور شراب سميت ڪار ڇڏي فرار ٿي ويو ناڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهرو فيروز: مورو ويجهو گوٺ حاجي آچر زرداريءَ جا متاثر رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

پرياسٽي تعلقبار ۾ يونائيٽڊ لائيرز پينل پاران چوندون ڪٽڻ جي خوشي ۾ پروگرام

ريلي بار ڪان يونائيٽڊ پينل جو سرواڻ ايڊووڪيٽ نثار احمد چنا جي اڳواڻي ۾ نڪتي

ايڊووڪيٽ عابد علي راجپوت ميدم سعيده عمراڻي ايڊووڪيٽ محبت خان بلادي شريڪ

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياسٽي تعلقبار ۾ يونائيٽڊ لائيرز پينل پاران چوندون ڪٽڻ جي خوشي ۾ شاندار پروگرام رکيو ويو ريلي نوشهروفيروز بار ڪان يونائيٽڊ پينل جو سرواڻ ايڊووڪيٽ نثار احمد چنا جي چونڊيل جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ شوڪت علي ٻرهيو تعلقبار پريا جي صدر ايڊووڪيٽ نثار ملاح ايڊووڪيٽ عبدالقادر خانزاده ۽ ٻين جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪيمبريج پبلڪ هاءِ اسڪول ڪي اين شاهه ۾ ثقافتي ڏهاڙو شاندار نمونو ملهايو ويو

پروفيسر عبدالعزيز ٻهر ۽ محمد صديق ٻهر طرفان ثقافتي ڏهاڙو شاندار نمونو سان ملهايو ويو

شاگردن ۽ شاگردياڻين توڙي استادن ثقافتي ويس وڳا ۽ اجرڪ ٽوپيون پائي محبت جو اظهار ڪيو

ثقافتي ڏهاڙي قديم سنڌي ثقافت جون ريتون رسمون اجاگر ڪرڻ لاءِ مختلف ٽيبلوز پيش ڪيا ويا

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ڪيمبريج پبلڪ هاءِ اسڪول ڪي اين شاهه ۾ پرنسپال سائين محمد اعظم ٻهر ۽ گورنمنٽ ڊگري ڪاليج جي پروفيسر عبدالعزيز ٻهر ۽ محمد صديق ٻهر طرفان ثقافتي ڏهاڙو شاندار نمونو سان ملهايو ويو تفصيل موجب خيرپور ناٿن شاهه ڪيمبريج پبلڪ هاءِ اسڪول ڪي اين شاهه ۾ پرنسپال سائين محمد اعظم ٻهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

حڪومت پاران عوام کي سستي اٽي تي فراهم ڪرڻ واري اعلان تي عمل نه ٿيو

سڪرنڈ (رپورٽر) سنڌ حڪومت پاران عوام کي سستي اٽي تي فراهم ڪرڻ واري اعلان تي سڪرنڈ جي انتظاميه عمل ڪرائي نه سگهي جڏهن نه سڪرنڈ تعلقي اندر اٽو مهانگي اگر تي وڪرو ٿي رهيو آهي جڏهن نه دڪانن تي اٽو 100 کان 110 روپيا وڪرو ٿيڻ ڪري غريب طبقو به وڌيلا مائي ڪائڻ لاءِ بريشان آهي جڏهن نه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

خيرپور ناٿن شاهه : ڪيمبريج پبلڪ هاءِ اسڪول ڪي اين شاهه ۾ ثقافتي ڏهاڙو شاندار نمونو ملهايو ويو

نئون ديرو لڳ درگاهه سيد لطيف شاهه بخاريءَ جو ميلو پنجوديرو ۾ شروع

عرس مبارڪ هن سال به پنهنجي روايتي حسن سان اڄ 13 ڊسمبر کان شروع ٿيندو

عرس جي موقعي ختم القرآن مڪمل ڪري خطي جي امن ۽ پلائي ۽ جون دعائون گهريون ويندیون

گوٺ جي معززين طرفان پٽ ذاتي طور تي درگاهه جي ڪم ڪار ۾ حصو ڪنديو ويندو آهي: نورمحمد چنه

نئون ديرو (رپورٽ:شاد محمود پٽو) نئون ديرو لڳ درگاهه سيد لطيف شاهه بخاريءَ جو ميلو پنجوديرو ۾ شروع ٿي رهيو آهي گذريل ڏينهن صدين کان هلندڙ درگاهه سيد لطيف شاهه بخاريءَ جو عرس مبارڪ هن سال به پنهنجي روايتي حسن سان سياڻي 13 ڊسمبر کان شروع ٿي رهيو آهي آغاز کان هڪ رات قبل يعني اڄ رات محفل شبينه ڪيندي جنهن ۾ حافظ قرآن سڪيرا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ايريگيشن ۽ ٽائون انتظاميا پاران سرحل مائينر ۾ ڳنڍو پائي نيڪال نه ڪرڻ خلاف احتجاج

گندو پائي نيڪال ڪرڻ خلاف گوٺ پير پڙتو، چٽل راجپر ۽ ٻين ڳوٺاڻن پاران مظاهرو ڪيو ويو

درينيج جو پائي سرحل شاخ ۾ نيڪال ڪري پچڙي جي ڳوٺن کي هٽ سان هوڙايو پيو وڃي:مظاهرين

ڪامورن خلاف ڪاروايي ڪري سرحل شاخ جي پچڙي وارن ڳوٺن ۽ فصلن کي بچايو وڃي: ڳالهيون

نوشهروفيروز (د ر) ايس ڊي او ايريگيشن پبلڪ هيلٿ ۽ ٽائون انتظاميا پاران سرحل مائينر ۾ گوٺ پير پڙتو، چٽل راجپر ۽ ٻين ڳوٺاڻن پاران گندو پائي نيڪال نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي ڊپٽي ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

شڪارپور پوليس جون ڪاروائيون، 2 جويدار گرفتار، 2 موٽرسائيڪلون هٽ

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور پوليس جون ڪاروائيون 2 جويدار گرفتار، 2 موٽرسائيڪلون هٽ ٽائي ڪرن پوليس هنتواڻ قمر ٽيل 125 موٽر سائيڪل هٽ ڪري مالڪ هادي بخش ولد محمد گل بروهي جي حوالي ڪري چڏي آهي ٽائي ڪرن پوليس هنتو اڻ قمر ٽيل موٽرسائيڪل هٽ ڪري مالڪ علي محمد ولد حاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز: ٽائون انتظاميا پاران سرحل مائينر ۾ گندو پائي نيڪال نه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪندي

شڪارپور رائيس ملرس ايسوسيئيشن طرفان واپڊا جي ناجائز ڪٽ خلاف احتجاج

سنڌ بلوچستان رائيس ملرس طرفان واپڊا خلاف ڪيل احتجاج جي حمايت ڪئي وئي

واپڊا جي طرفان لڳايل ناجائز واڌو ٽيڪس، مسلسل غير اعلانيل لوڊشيڈنگ خلاف ريلي

سيٽ بچو مل، امداد ميمڻ، مهيش ڪمار، مسعود احمد ميمڻ ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور رائيس ملرس ايسوسيئيشن طرفان واپڊا جي ناجائز، واڌو ٽيڪس ۽ غير اعلانيل لوڊشيڈنگ خلاف احتجاج سنڌ بلوچستان رائيس ملرس طرفان واپڊا خلاف ڪيل احتجاج جي حمايت؛ تفصيل موجب شڪارپور رائيس ملرس ايسوسيئيشن جي صدر حاجي زبير ميمڻ جي اڳواڻي ۾ واپڊا جي طرفان لڳايل ناجائز واڌو ٽيڪس، مسلسل غير اعلانيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٻنون، لاڪيپور، ابڙال ۽ پرپاسي جي مختلف علاقن ۾ چٽن ڪتن جو آزار

درٻو سميت مختلف علاقن ۾ 10 کان وڌيڪ ڪتن ڏاهڙن جا ڪيس رپورٽ ٿيا

شهرن جي چوراهن ۽ گلين ۾ رولو ۽ چٽن ڪتن جا ڪيترائي ولر هر وقت موجود رهن ٿا

انتظاميا طرفان رولو ڪتن جي آزار کي ختم ڪرڻ لاءِ اڃا تائين کي جوڳا قدم نه کنيا ويا

درٻو (رپورٽ:شرڪت ميمڻ) درٻو، ٻنون، لاڪيپور، ابڙال ۽ پرپاسي جي مختلف علاقن ۾ رولو ۽ چٽن ڪتن شهرين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو. درٻو سميت مختلف علاقن ۾ 10 کان وڌيڪ ڪتن ڏاهڙن جا ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. جڏهن نه شهر ۽ گوٺ رولو ۽ چٽن ڪتن سان پريل آهن. جسقم چيئرمين جي اڳواڻي ۾ مونڊر ناڪو ڪان دادو پريس ڪلب تائين مارچ ڪيو ويو. موقعي ڊپٽي ڪمشنر حيسڪو انتظاميه کي هدايت ڪندي چيو ته ضلع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

اين پي پي اڳواڻ امير علي جتوئي جون شڪارپور شهر اندر ماڻهن سان تعزيتون

شڪارپور (رپورٽر) اين پي پي اڳواڻ امير علي جتوئي جون شڪارپور شهر اندر مختلف برادرين جي ماڻهن سان تعزيتون ڪيون : تفصيل موجب : امير علي جتوئي خانجند آباد پهچي سائين حفيظ الله سومرو جي والده جي وفات تي سندس سان تعزيت ڪئي ، حيدري محلا پهچي شعيب احمد مغل جي والده جي وفات تي سندس سان تعزيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

بينظير ڀٽو جي 15 ورسي جي مناسبت سان شهر جي روڊ رستن کي سينگارڻ جو ڪم هلندڙ

پيپلز پارٽي سٽي نئون ديرو جي صدر سيد ارشد علي شاهه راشدي جنرل سيڪريٽري پاران نگراني

شهر جي مين چونڪن کي پارٽي جي جهنڊن سان سينگارڻ جو ڪم تيزي سان شروع ڪيو ويو

سٽي کي ڪنوار جيان سينگارڻ لاءِ پارٽي جهنڊن ۽ بينرن جي تياري وارو ڪم تيزيءَ سان جاري آهي

نئون ديرو (رپورٽ:شاد محمود پٽو) رائي محترمه بينظير ڀٽو جي 15 ورسي جي موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي نئون ديرو جي صدر سيد ارشد علي شاهه راشدي جنرل سيڪريٽري محمد انور برڙو، انفارميشن سيڪريٽري سرفراز علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

امن ۽ پائيچاري واري روايت کي برقرار رکندي امن کي اهميت ڏني آهي: بابل خان پيرو

شڪارپور (رپورٽر) پيرو هائوس شڪارپور شڪارپور نواب مير بابل خان پيرو جن پنهنجي وڏڙن جي امن ۽ پائيچاري واري روايت کي برقرار رکندي هميشه امن کي اهميت ڏني آهي پ.پ.اڳواڻ سردار مير بابل خان پيرو جن ٽه نه ڪي آءِ سردار آهيان ۽ اڄ به جيڪي مرشد سائين شاهه جليل جي چانو ۾ معرفائي پيا ۽ جيڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

مونڊر ٽائي جي حد ۾ مڇي جي تلاءِ تي قتل ٿيل نوجوان جي وارثن جو احتجاج

نوجوان دادو جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي چڏي

14 ڏينهن گذري وڃڻ ۽ ڪيس داخل هڻڻ باوجود پوليس جوابدار گرفتار نه ٿي: شاهد خشڪ

ٻه هفتا اڳ هٿياربندن کارنهن الزام تان نوجوان زاهد خشڪ کي گوليون هڻي قتل ڪيو هو

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ مونڊر ٽائي جي حد ۾ مڇي جي تلاءِ تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل نوجوان وارو مامرو مقتول زاهد خشڪ جي پاءُ شاهد خشڪ قاتل گرفتار نه ٿيڻ تي دادو جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي چڏي. درخواست ۾ مقتول جي پاءُ جاڻايو آهي ته 14 ڏينهن اڳ مونڊر ٽائي جي حد ۾ هٿياربندن نويد شاهائي حميد شاهائي مڇي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سجاول ويجهو وکيل تي حملو، ڪٽتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل، احتجاجي مظاهرو

بارايسوسيئشن جو وکيل جنيدي سولنگي تي نامعلوم ماڻهن رستو نه ڏيڻ تان وحشيانو تشدد ڪيو

ڪٽتي جوڳي حالت ۾ اسپتال آندو ويو، اهڙي ردعمل تي سجاول ۽ ٽنڊو بار ايسوسيئشن پاران ٻائيڪاٽ

پوڙهو ميمڻ، جمون ميمڻ، حضور بخش ميمڻ، عمران ميمڻ، نعمان ميمڻ ۽ ٻين خلاف ايف آئي آر داخل

سجاول (ڊ ر)سجاول ويجهو وکيل تي حملو ڪٽتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو، وڪلا برادري پاران ڪورٽن جي ڪاروائين جو ٻائيڪاٽ ڪري سخت احتجاج ڪيو ويو. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ورڪرز ليبر يونين اسڪارپ ايريگشن ٽيوب ويل ڊويزن نوشهروفيروز پاران احتجاج

ملازمن جي رهيل پگهار ۽ ان ۾ واڌ ڪري ليبر ملازمن سان انصاف ڪيو وڃي:مظاهرين

ٽائون جا مزدور پگهار نه ٽيڻ ۽ پگهار ۾ واڌ نه ڪرڻ سبب فاقا ڪشي واري زندگي گزاري رهيا آهن

چونڊيل ڪائونسلر جائز مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ بک هڙتال ڪئمپ تي اڃي حمايت جو اعلان ڪيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ورڪرز ليبر يونين اسڪارپ ايريگشن ٽيوب ويل ڊويزن نوشهروفيروز پاران ٽائون ملازمن سان يڪجهدي جواظهار ڪندي، ملازمن جي رهيل پگهار ۽ ان ۾ واڌ ڪري ليبر ملازمن سان انصاف ڪرڻ جي مطالبي سان موقعي تي ورڪرز ليبر يونين اسڪارپ ايريگشن ڊويزن نوشهروفيروز جي اڳواڻ امجد ٽڪر چيو ته ٽائون جا مزدور پگهار نه ٽيڻ ۽ پگهار ۾ واڌ نه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهرو فيروز: ورڪرز ليبر يونين اسڪارپ ايريگشن ٽيوب ويل ڊويزن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊيارو ۾ ڪمپيوٽر سينٽر پاران ڊپلوما ۽ ٻين مختلف شارٽ ڪرائٽ جو اعلان

ڪنڊيارو(رپورٽر) ڪنڊيارو ۾ ڪمپيوٽر سينٽر پاران ڊپلوما ۽ ٻين مختلف شارٽ ڪورسن ۾ داخلا رنڊڻ لاءِ شاندار موقعو! انٽري ٽيسٽ ۽ پوزيشن مائيندڙن کي 80٪ رعايت سان اسڪالرشپ تحت پڙهايو ويندو. تفصيل موجب ڪنڊيارو ۾ مبشر انسٽيٽيوٽ آف ايڪسيلنس (mie) جي ڊائريڪٽر ظهير احمد عباسي پاران جاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، ڊهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
آڱارو 13 ڊسمبر 2022ع

ماڪ ڀڃايَنِ مولهيا، مٽان راتِ پئِي:
اولِيون اُجهڻَ لَڳِيون، وِيا وَنجهه وَهِي:
ڪَلاڇِيان ڪهي، ڪَڏهِن ڪونه آئِيو.

اتو لٽو اجهو وارو نعرو ۽ غريب عوام

غلام حيدر ڪوڪر

پيپلزپارٽي 30 نومبر تي 55هين يوم تاسيس جي حوالي سان ڏاهاڙو ملهائيندي پارٽي قيادت پارٽي جي جدوجهد ۽ ان جي ڪاميابي تي ڳالهائڻ سان گڏوگڏ بي بي آئي قيادت تي روايت مطابق تنقيد جو نشانو بڻايو نه صرف اهو بلڪ رٽائرڊ آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوه جو نالو وٺڻ کان سواءِ ڪيس جواب ڏيندي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي اها سياسي صلاحيت هئي جنهن 90 هزار جنگي قيدين کي آزاد ڪرايو، هندستان کي پنهنجي موقف تان پوئتي هٽائيندي گوڏا ڪوڙائي ڇڏيا. ان کان سواءِ ملڪ کي ايٽمي قوت بنايو 73ع جو متفق آئين ڏنو ڪاڇي واري جلسي ۾ بلاول ڀٽو زرداري سنڌ جي رڌي وزير سيد مراد علي شاهه جي ڪارڪردگي جي حوالي سان تعريف ڪئي ۽ صوبي ۾ ڪرپشن جي پکوڙجندڙ ناسور واري بنيادي جڙ جي خاتمي ۽ ان کي روڪڻ جي حوالي سان ڪوبه ذڪر نه ڪيو. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته هڪ ته بلاول ڀٽو زرداري کي سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي جي حوالي سان جيڪي برينڊنگ ڏنيون ويون ان مطابق نه سنڌ ۾ ڪير جون ندينون وهي رهيون آهن. ڪينسر وانگر جڙ پکيڙيندڙ ڪرپشن جو مڪمل خاتمو ڪيو ويو آهي بغير ڪنهن رشوت ڏيڻ جي عوام جا ڪم ڪار ٿي رهيا آهن. پوليس، تعليم، صحت سميت هر ڪاتي ۾ بغير سفارش ۽ رشوت جي عوام جا بنيادي مسئلا حل ٿي رهيا آهن. عوام کي ڏکا ٽاپا کائڻ جي ڪاپه ضرورت ناهي گهر ويني کين انصاف ڏنو پيو وڃي. يعني پيپلزپارٽي پنهنجي بنيادي فلسفي نعري تي عمل ڪندي اٽرلٽو اجهو" روٽي ڪپڙا اور مڪان" تي مڪمل طور عمل ڪري رهي آهي ۽ تقريبن 14 سالن کان وڌيڪ سنڌ ۾ حڪمراني جي دوران ان تي آڪيون ٻوٽي عمل ڪري رهي آهي سنڌ جو عوام ايترو نه خوشحال ٿي ويو آهي جيترو هاڻي ٿي آهي. هن بلڪ رٽائرڊ آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوه جو نالو وٺڻ کان سواءِ ڪيس جواب ڏيندي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي اها سياسي صلاحيت هئي جنهن 90 هزار جنگي قيدين کي آزاد ڪرايو، هندستان کي پنهنجي موقف تان پوئتي هٽائيندي گوڏا ڪوڙائي ڇڏيا. ان کان سواءِ ملڪ کي ايٽمي قوت بنايو 73ع جو متفق آئين ڏنو ڪاڇي واري جلسي ۾ بلاول ڀٽو زرداري سنڌ جي رڌي وزير سيد مراد علي شاهه جي ڪارڪردگي جي حوالي سان تعريف ڪئي ۽ صوبي ۾ ڪرپشن جي پکوڙجندڙ ناسور واري بنيادي جڙ جي خاتمي ۽ ان کي روڪڻ جي حوالي سان ڪوبه ذڪر نه ڪيو. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته هڪ ته بلاول ڀٽو زرداري کي سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي جي حوالي سان جيڪي برينڊنگ ڏنيون ويون ان مطابق نه سنڌ ۾ ڪير جون ندينون وهي رهيون آهن. ڪينسر وانگر جڙ پکيڙيندڙ ڪرپشن جو مڪمل خاتمو ڪيو ويو آهي بغير ڪنهن رشوت ڏيڻ جي عوام جا ڪم ڪار ٿي رهيا آهن. پوليس، تعليم، صحت سميت هر ڪاتي ۾ بغير سفارش ۽ رشوت جي عوام جا بنيادي مسئلا حل ٿي رهيا آهن. عوام کي ڏکا ٽاپا کائڻ جي ڪاپه ضرورت ناهي گهر ويني کين انصاف ڏنو پيو وڃي. يعني پيپلزپارٽي پنهنجي بنيادي فلسفي نعري تي عمل ڪندي اٽرلٽو اجهو" روٽي ڪپڙا اور مڪان" تي مڪمل طور عمل ڪري رهي آهي ۽ تقريبن 14 سالن کان وڌيڪ سنڌ ۾ حڪمراني جي دوران ان تي آڪيون ٻوٽي عمل ڪري رهي آهي سنڌ جو عوام ايترو نه خوشحال ٿي ويو آهي جيترو هاڻي ٿي آهي سنڌ جو سرسبز شاداب ٻڌي رٽي عوام کي اٽرلٽو ۽ اجهو فراهر ڪرڻ واري نعري تي عمل ڪري چڪيو آهي جنهن جي ڪري عوام پيپلزپارٽي کي هلندڙ سال جي شروع ۾ چار ڪان مٽي ويڙڻن ۾ بلدياتي چونڊن ۾ ڪاميابي ڪري چڪيو آهي ۽ اينڊرائيڊ سنڌ سان ڳنڍيل آهي. هاڻي ٻاهرين ملڪن جي سياحت جي شوقين ماڻهن لاءِ ڪراچي ايئرپورٽ تي ويزا جي سهولت ڏني وئي آهي. ان کان سواءِ سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته ڪراچي جي ڪچري جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت ڪراچي جي ميونسپل ادارن کي 1100 ارب روپيا ڏنا آهن.

بقايا سنڌيار 01

۾ هيومنٽي اينڊ پيس فورم آف پريا پاران (انسانيت جو آواز) جي موضوع تي ٽين ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي،ڪانفرنس ۾ سياسي، سماجي ڏرين سميت استادن تنڍڻي شاگردن وڏي اڇڻ ۾ شرڪت ڪئي ڪانفرنس جي صدارت ڊاڪٽر سيد نثار علي شاھ صاحب ڪئي جڏھن ته ميزبان محمد قاسم جوٽيجو، سيد امتياز حسين بخاري،نوجوان ليڪڪ اعجاز علي ممتائي،ايڊووڪيٽ محمد اسلم عمراڻي سنيئر صحافي مير محمد سهتو ۽ اظهار علي سومرو خطاب ڪندي چيو ته هن تنظيم جي پليٽ فارم تي انساني حقن جي لاءِ جيڪا جاکوڙ ٿي آهي اها ڪنهن کان به ڳجهي ڪانهي خاص طور تي ٻرسان ۾ متاثرن جي مدد ڪرڻ ۾ پي سهارا ماڻهن جو سهارو بڻجي حقيقي انسانيت جي مدد ڪئي آهي جنهن تي پوري ٽيم کي شاباس ڏيون ٿا هن ڪانفرنس ۾ سيد زاهد حسين شاھ، محمد صابن جوٽيجو، ڊاڪٽر الهورايو ميمڻ، سيد سبب علي شاھ، ڊاڪٽر خادم حسين ميمڻ ۽ ڊاڪٽر عامر حسن خاصخيلي ڊاڪٽر شاهنواز علي جوٽيجو محمد يامين راجپوت، طفيل احمد جوٽيجو، گلزار علي ميمڻ، غلام سرور ڊايو ۽ محمد اسلم آرائين ۽ سيد صفدر حسين شاھ ۽ طفيل احمد عباسي ۽ آصف علي پٽي ۽ غلام قادر پٽي ۽ سجاد علي رانجھاڻي ۽ دلدار احمد خاصخيلي ۽ هن ويڙهه ۾ ماڻهن جي حقن لاءِ ڪيل جدوجهد کي سلهاڙيو ويو ۽ ڪانفرنس ۾ پاس ٿيل قرارداد موجب ڪانفرنس جي ڪنوينر سيد زاهد حسين شاھ، ڪو ڪنوينر ڊاڪٽر الهورايو ميمڻ، ڊاڪٽر خادم حسين ميمڻ، ڊاڪٽر شاهنواز علي جوٽيجو، محمد يامين راجپوت، طفيل احمد جوٽيجو، گلزار علي ميمڻ، غلام سرور ڊايو، محمد اسلم آرائين، سيد صفدر حسين شاھ، طفيل احمد عباسي، آصف علي پٽي، غلام قادر پٽي، سجاد علي رانجھاڻي، دلدار احمد خاصخيلي، سيد سبب علي شاھ، ڊاڪٽر عامر حسن خاصخيلي، ڊاڪٽر شاهنواز علي جوٽيجو، محمد يامين راجپوت، طفيل احمد جوٽيجو، گلزار علي ميمڻ، غلام سرور ڊايو، محمد اسلم آرائين، سيد صفدر حسين شاھ، طفيل احمد عباسي، آصف علي پٽي، سجاد علي رانجھاڻي، دلدار احمد خاصخيلي، سيد سبب علي شاھ، ڊاڪٽر عامر حسن خاصخيلي، ڊاڪٽر شاهنواز علي جوٽيجو، محمد يامين راجپوت، طفيل احمد جوٽيجو، گلزار علي ميمڻ، غلام سرور ڊايو، محمد اسلم آرائين، سيد صفدر حسين شاھ، طفيل احمد عباسي، آصف علي پٽي، سجاد علي رانجھاڻي، دلدار احمد خاصخيلي، سيد سبب علي شاھ، ڊاڪٽر عامر حسن خاصخيلي، ڊاڪٽر شاهنواز علي جوٽيجو، محمد يامين راجپوت، طفيل احمد جوٽيجو، گلزار علي ميمڻ، غلام سرور ڊايو ۽ محمد اسلم آرائين ۽ سيد صفدر حسين شاھ ۽ طفيل احمد عباسي ۽ آصف علي پٽي ۽ سجاد علي رانجھاڻي ۽ دلدار احمد خاصخيلي ۽ هن ڪانفرنس ۾ پاس ٿيل قرارداد موجب ڪانفرنس جي ڪنوينر سيد زاهد حسين شاھ، ڪو ڪنوينر ڊاڪٽر الهورايو ميمڻ، سيد سبب علي شاھ، ڊاڪٽر خادم حسين ميمڻ ۽ ڊاڪٽر عامر حسن خاصخيلي